# ڏرتيءَ تارا

(ٻارن لاءِ شاعري)

نثار بزمي

مرتب:
غلام محمد غازي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ
2008ع





سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (95) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. نامياري شاعر **نثار بزميءَ** جو ٻارن جي شاعريءَ تي مشتمل ڪتاب **“ڏرتي تارا”** **سنڌي ادبي بورڊ** پاران ڇپايو ويو آهي.

اسان ٿورائتا آهيون سائين عبدالجبار شيخ صاحب جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

## ڇپائيندڙپاران

ٻاراڻو ادب ۽ شاعري مائرن پُٽن ۽ ڌيئرن کي ڏنل کوڏاڻن کان شروع ٿئي ٿي.

ابل منهنجو وڏڙو ٿيندو، وڪڙون ڪٽندو،
پٽي پڙهندو، اسڪول ويندو

*******

گُڏي منهنجي، وڏي ٿيندي،
الف انب جي پٽي پڙهندي

*

ان ريت اهي امڙين جا ڪوڏاڻا وڏي ٻاراڻي شاعريءَ جو روپ وٺن ٿا، پسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته جن شاعرن جي مائرن، نانين ۽ ڏاڏين کي جيترا گهڻا ڪوڏاڻا چوڻ ايندا هئا. انهن ٻاراڻي شاعريءَ به اوتري گهڻي ۽ سُني ڪئي، سنڌ جي ڳوناڻي توڙي شهري ماءُ جون انيڪ تمنائون ۽ دعائون ڪوڏاڻن جي روپ ۾ آهن، انهن جو اولڙو سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ ۾ چٽو پٽو نظر اچي ٿو.

سنڌ ۾ ٻارن لاءِ تمام گهڻن شاعرن لکيو آهي، محترم نثار بزمي سنڌي ٻاراڻي ادب جي ليکڪ جي حيثيت ۾ هڪ وڏو نالو آهي، سندس ڇپيل ڪتابن جو ڳاڻيٽو 13 آهي. جڏهن ته ڏهاڪو کن ڪتاب اڻڇپيل هوندا جن مان هڪ ڪتاب هي به آهي. ڪيس ٻاراڻي ادب جو اُستاد شاعر چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. ٻارن لاءِ لکيل سندس هن مجموعي ”ڏرتيءَ تارا“ کي محترم غلام محمد غازي سهيڙي بورڊ کي گهڻو





اڳ پيش ڪيو هو، جنهن جي ڇپجڻ جو سامان جُڙيو آهي. بورڊ کي ايڏي وڏي شاعر جي شاعريءَ جي هن مجموعي کي ڇپرائي پڌرو ڪرڻ تي خوشي آهي.

اميد آهي ته ٻاراڻي ادب سان چاهه رکندڙ ٻارن ۾ شاعريءَ جو هيءُ مجموعو ”ڏرتيءَتارا“ شوق سان پڙهيو ويندو.

| | |
|---|---|
| ڄام شورو | **پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي** |
| 19 **ذي القعد** 1439هه | سيڪريٽري |
| 18 نومبر 2008ع | سنڌي ادبي بورڊ |

# تعارف

اڄ ڪيڏي نہ خوشي ٿي رهي آهي جو آءٌ پنهنجي ادبي استاد محترم سائين نثار بزميءَ جي ڪيل ٻارن لاءِ ادبي پورهئي کي سهيڙي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان. بزمي صاحب جو اصل نالو قلندر بخش خان المعروف نثار بزمي ولد محمد حسن خان جوڻيجو آهي. بزمي صاحب جو جنم13 جون 1924ع تي مرزاپور ڳوٺ تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ٿيو هو. هي ڳوٺ الهداداڻي ريلوي اسٽيشن جي اتر طرف هڪ ميل جي فاصلي تي آهي. بزمي صاحب سن 1938ع ۾ فائنل پاس ڪئي ۽ سن 1942ع ۾ پرائمري استاد ٿيو. سن 1947ع کان 1954ع تائين روينيو کاتي ۾ ٽپيدار ٿي رهيو. سن 1959ع ۾ شڪارپور جي سومرا خاندان مان شادي ڪئي. جنهن مان ڇهہ پٽ آفتاب احمد، الطاف احمد، ارشاد احمد، اسرار احمد، احسان احمد، انتخاب احمد ۽ هڪ نياڻي بہ ٿي. پاڻ علم عروض جو وڏو ڄاڻو استاد الشعرا ۽ هڪ محبتي ماڻهو هو. بزمي صاحب مضمون، مقالا، ناٽڪ بہ لکيا. فلمن لاءِ گيت لکيا. سندن ڪيترائي گيت غزل ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي ڳايا وڃن ٿا. ۽ ڪجهہ نظم درسي ڪتابن ۾ پڙهيا وڃن ٿا. بزمي صاحب زندگيءَ جا ڪيترائي انمول ۽ قيمتي سال ادب کي ڏنا. سنڌ ڌرتيءَ ۽ سنڌ واسين کي پنهنجي شاعريءَ جو محور بڻايو. کيس مڃتا طور ، ميڊل ۽ انعام پڻ مليا. ادب ۽ ثقافت سان لڳاءُ ۽ عشق سبب لوڪل براڊ ڪاسٽنگ سکر جا پروڊيوسر





ڊائريڪٽر ۽ ڪمپيئر بہ رهيا. آفتاب پبليڪيشن، محمد بيوس يادگار ڪميٽي، نثار بزمي ادبي سنگت ۽ نثار بزمي لٽرري اڪيڊمي جو قيام بہ سندس ادبي ۽ سماجي حيثيت طور مڃتا جو ثبوت آهي.بزمي صاحب جا هن وقت تائين 13 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ " جذبات نثار"،" رت جا ڳوڙها"،" جلترنگ"، ناز و نياز"، " روهڙي تعلقي جي جاگرافي"،" هڪ سسئي سو سور"،" اوکو پنڌ پهاڙ جو"،"سنڌڙي"، "ائٽم بم"، " عشق نہ پڇي ذات"، "وڄن جا وراڪا"، " ڏکن آءٌ ڏٺي"، " ٻول نثار بزمي جا"، ۽ سندن هيءُ ڪتاب "ڌرتيءَ تارا"، جو ٻارڙن لاءِ نظم ۽ گيتن تي مشتمل آهي. انهن کان علاوه اڻ ڇپيل مواد ۾ " زندگي جو سفر"، "مسافر بزمي"، " اهي ڏينهن"، "ڪهاڻيون"، "ڊراما " ۽ "خط" شامل آهن. سنڌي ٻوليءَ ۽ تاريخ جو هيءُ ستارو زندگيءَ جا 76 سال گهاري. هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندن آخري آرامگاهہ مرزاپور شهر ۾ آهي.

7 جولاءِ 2006ع

**غلام محمد غازي**

# قادر تنهنجا ڪرم ڪروڙين



قادر تنهنجا ڪرم ڪروڙين
ڪهڙا ڪهڙا ڳايان

گلڙن ۾ گلزارن ۾ تون،
هيرن ۾ تون، هارن ۾ تون،
ڪتين ۾ تون، تارن ۾ تون،
ڪڪرن ڪارن ڪارن ۾تون،
سارنگ جي سينگارن ۾ تون،
ساوڻ جي وسڪارن ۾ تون،
گهيڙن ۾ تون، گهارن ۾ تون،





شاخن ۾ تون، ڏارن ۾ تون
مرڪين ٿو مـ پارن ۾ تون
دلين ۾ دلدارن ۾تون،
الفت جي اظهارن ۾ تون،
شاعر جي اشعارن ۾ تون،
عزت جي اقرارن ۾ تون،
ڪڻڪن جي لابارن ۾ تون،
ساون ساون پارن ۾ تون،
هرلن ۾ تون، نارن ۾ تون،
رستن ۾ تون، چارن ۾ تون،
دنيا جي ديدارن ۾ تون،
قادر تنهنجا ڪرم ڪروڙين، ڪهڙا ڪهڙا ڳايان!

O

## اوسيئڙو ۽ آس



شهر ويو آهه بابو منهنجو،
منهنجي لاءِ شئي آڻيندو.
شهر ويو آهه بابو منهنجو.

مائو، برفي، پيڙا ايندا،
پاڻ اچي کارائيندا.
شهر ويو آهه بابو منهنجو.





آڻيندو رانديڪا مون لاءِ،
خوشيءَ منجهان کيڏائيندو.
شهر ويو آهه بابو منهنجو.

رئندس جي مان بابو ايندو،
پيار ڏئي پرچائيندو.
شهر ويو آهه بابو منهنجو.

منڙو منڙو بابو منهنجو،
رب ان کي جيئاريندو.
شهر ويو آهه بابو منهنجو.

ٽانگي وارا ٽيشن تي وچ،
گهوڙا اچ هٽڪائيندو.
شهر ويو آهه بابو منهنجو.

P

(گل ڦل 2004ع پاراٽاپول)

# ريل



بابو صاحب! ٽڪيٽ ڏي مون کي،
چڙهي ريل ۾ ”سکر“ وڃان مان.

ڇڪ ڇڪ ڇڪ ريل ڪري ٿي،
ان جي منهن ۾ آڳ ٻري ٿي.

منزل تي ٿي هيءَ رسائي،
دوريءَ کي ٿي ڪيئن گھٽائي.

ڪونہ وڃي ٿو وقت اجايو،
ٽڪڙو ٽڪڙو ڇڏي پڄائي.

لمبي لمبي هيڏي ساري،
ڳوري ڳوري ڪاري ڪاري.

ڪوڪ ڪري اطلاع ڏئي ٿي،
ظاهر زينت ساڻ ٿئي ٿي.





هڪڙا چاڙهي ۽ ٻيا لاهي،
اڳتي اڳتي ڪاهيو ڪاهي.

ريل ڏنو آهي سهنج اسان کي،
ڪيڏو هونہ تہ اهنج اسان کي.

بابو صاحب! ٽڪيٽ ڏي مون کي،
چڙهي ريل تي ”سکر“ وڃان مان.

# شڪارپور



شڪارپور شهر آهه پيارو،
عجيب ماڻهو هتان جا آهن.

انهن جي رخ تي مسڪراهٽ،
سدائين پيئي نچي ڪڏي تي.
شڪارپور جو "اچار" وه وه.
هتان جي ڪلفي بہ آهه نرالي،
سڄي جهان ۾ ڪٿي نہ هوندي،
هتان جا پڳڙا بہ جڳ سڄي ۾،
رکن ٿا ڪو مثال پنهنجو،
شڪارپور جي مٺائي بيشڪ،
ڪري ڇڏي ٿي بهار دل کي،
شڪارپور شهر آهه پيارو،
ماڻهو عجيب هتان جا آهن.
چڱو ٿا کائين چڱو ٿا پهرن،





وڏا ڪي شوقين ٿا سڏائين ٻڌن ٻڌائن،
ڪٽي تنبورا ٿا راڳ ڳائن،
ڏسي ڪو تن کي اچي اکين سان،
ڇا تہ محفلون رچائي ڄاڻن،
هي شهر جنت آهه نمونو،
شڪارپور شهر آهه پيارو.

"گل ڦل" مارچ 2005ع

# ڪڪڙون ڪون



ڪڪڙ ڪري ٿو، ڪڪڙون ڪون
ٻيءَ معنيٰ ۾، ” تون ئي تون“

ڪڪڙ منهنجو آهہ رنگ رنگيلو،
ڪڏهن حليم تہ ڪڏهن هٺيلو
ڪونہ ڏٺو ڪو اهڙو مون،
ڪڪڙ ڪري ٿو، ڪڪڙون ڪون.

ڪڪڙ ڪري ٿو منهنجو، ميوا ڪائي،
هيڏي هوڏي چو واجهائي،
ڏي ٿو ٻانگن تي ٻانگون،
ڪڪڙ ڪري ٿو ڪڪڙون ڪون.





ڪڪڙ جو نالو ڪوڏو آهي،
پيار منجهان ٿو پرڙا ساهي،
آءُ تہ گڏجي رنگ ڏسون،
ڪڪڙ ڪري ٿو ڪڪڙون ڪون.

ڪڪڙ منهنجو آهہ قربن وارو،
وندرائي ٿو دل ويچارو،
وڪڻان ” بزمي“ چو چاڪون،
ڪڪڙ ڪري ٿو، ڪڪڙون ڪون.

P

# مان گھوڙي جو سوار



مان گھوڙي جو سوار ساٿي،
مان گھوڙي جو سوار.

هِڻ هِٽڪي گھوڙو منهنجو،
نانءُ اٿس دلدار،
مان گھوڙي جو سوار.





رلي، گام، دوگام جو ماهر، پيچٽو واهه پلو آ،
منهنجي گھوڙي جو دنيا ۾ آهي ، ناماچار،
مان گھوڙي جو سوار.

سرخو سوپارو آهه منهنجو، سيڪوئي ٿو چاڙي
سونو سونو هن کي هاٽي پارائيندس هار،
مان گھوڙي جو سوار.

بابا هيءَ سوغات ڏني آهه هن کي مان پائيندس،
سير ڪرائيندو هي مونکي، آهي ڪو هوشيار
مان گھوڙي جو سوار.

گھوڙو منهنجو ساه سيباٽو، ڏيندس چومان ڪنهنکي،
هن جو مونسان منهنجو هن سان بزمي آهه پيار،
مان گھوڙي جو سوار.

# اکين جو تارڙو آهين



وٽين تو مون کي پورن ڪان، تون توڙي ڪارڙو آهين،
ڪرين ويساهه جي ٻالڪا! تہ ڏاڍو پيارڙو آهين.

ٻڌي مان ٻولَ تنهنجا ٻاتڙا، خوش تو تيان ڏاڍو،
وهئي تو ڪيرُ واڇن مان، اڃا تون ٻارڙو آهين.

ڏسان تو جان تنهنجيءَ مان، نوان جولان تا نڪرن،
تون هاٽي ئي تہ جوڏو ۾، ڪوئي جهونجهارڙو آهين.





مان تنهنجي مرڪ تان منڙا، وڃان قربان تي جيڪو،
نہ پاسي ٿيءُ تون مون ڪان، ڳچيءَ جو هارڙو آهين.

ٻڌين جيڪا نصيحت تو، ڪرين تو تون عمل اُن تي،
نہ وسري ياد تي توکان نہ تون ويسارڙو آهين.

الف ــ بي جو سبق توکي، سمورو ياد بيٺو آ،
سڄي اسڪول جي ٻارن ۾ ، تون هوشيارڙو آهين.

دعا توکي آ ”بزميءَ“ جي، وڏائيندو خدا توکي،
وڏي شل عمر ماٽيندين، اکين جو تارڙو آهين.

(گل ڦل ڊسمبر 1991ع)



# ٻارن لاءِ دعا



نـنـڍڙا ٻـالـڪ جڳ جڳ جيـئـيـن،
مـاهـيـا کـيـر کـلـي شل پـيـئـيـن،
مــرڪـــي تـــوڏي مـــاءُ ڏســـي ٿـــي،
سـانـئـڻ تـنـهـنـجـي لاءِ سـڪـي ٿـي،
ســيــنــي ســان مــان تـــوکـــي لايـــان،
تـــوکـــي مـــيـــوا مـــان کـــارايـــان،
ٻـوڪ ۾ ڪـهـڙا لـفـظ لـکـيـا ٿـي؟





ڪـهـڙا ڪـهـڙا سـبـق سـڪـيـا ٿـي؟
پڙهندين ڪڙهنديـن صاحب ٿينديـن،
ريشـــم ۾ پـــٽ تـــون پـــهـــريـــنـــديـــن،
تـنـهـنـجـون مـرڪـون گـلـڙن جـهـڙيـون،
هـوشـوءَ جـهـڙا هـول ڪـنـديـن شـل،
چـوڏاري چـؤٻـول ڪـنـديـن شـل،
ٻـولَ مـنـا ڪـي ٻـول تـہ پـيـارا،
ڏرتـــيءَ جـــا او روشـــن تـــارا،
شـال جـوانـي مـاڻـيـن مـنـڙا،
چـاڻ سـمـوري چـاڻـيـن مـنـڙا
”ٻـزمـيءَ“ جـون ٿـي سـاڻ دعـائـون،
ڪـوسـيـون لڳـنـدءِ ڪـونـہ هـوائـون.



# ٻارڙا



قوم جو سرمايو آهن ٻارڙا
ٻارڙن سان ئي تہ ملندي سونهن آ سنسار کي،
ٻارڙن سان ٻهڪندو آهي جهان
ٻارڙا آهن امانت قوم جي
اڄ جو ٻالڪ آسياڻي جو ابو
ٻارڙا جنهن گهر ۾ ناهن
سو تہ گهر زندان آ،
ويران آ،
سنسان آ،





ٻارڙن سان ئي تہ ملندي سونهن آ سنسار کي،
هي سلن ساون جيان ڪچڙا ۽ نازڪ
ٿا ٿين.
ٻارڙا پنهنجي طبيعت کان نيارا ٿا لڳن،
ٻاتڙيون ٻوليون ڪري ٿا روح ئي ٺاري ڇڏن
ساري دنيا جو مدار آهي انهن ٻچڙن مٿان
پر وڏن جو فرض ڇاهي؟
هي بہ ڪجھ سوچڻ کپي
ٻار مُڇ جو وار آهي پائرو!
جاڏي اُن کي لاڙيو ويندو لڙي.
ائين نہ ٿئي جو ٻار اوجهڙ راھ تي
انسانيت وڪٽي ڇڏي.
هيسيل ڇهرو ڪٽي گهمندو وتي،
رلندو وتي
قوم جو سرمايو آهن ٻارڙا
ٻارڙن سان ئي تہ ملندي سونهن آ سنسار کي.

گُل قل اگست 2008ع

# نظم



هي ڀار ڪنهن جو ڀار آ؟
هٿ ۾ سڪل مانيءَ ڀڳيو،
تنهن تي مکين جا ميڙاڪا،
ليڙون لٽا
ميرا مٽي
ڪارو ڪلوٺو ڪوجهڙو
ٽنڊو منڊو لاچار آ
خارش زده هي ڀارڙو
سينو سڪل





سايون اکيون
ڪامڻ وتيون
اٽيو بدن
ڪنگيءَ وتل
بيمار آ
هي ڀار ڪنهن جو ڀار آ؟
ورندي ڏيو ڪا چونتا..........؟
هي ڀار ڪنهن جو ڀار آ؟

P

”وڻن جا وراڪا“

# ڌرتي



جنهن ڌرتيءَ مون کي پاليو آ،
جنهن ڌرتيءَ مون کي پاليو آ،
جنهن منهنجو ساهہ سنڀاليو آ،
تنهن ڌرتيءَ کي مان ڪيئن ڇڏيان؟
هن ڪان تہ ٻڏي مان چو نہ مران.

هيءَ ڌرتي ناهي جنت آ،
هي ڌرتي رب جي رحمت آ،
هيءَ ڌرتي منهنجي سنڌڙي آ،
هيءَ سنڌڙي منهنجي جندڙي آ،
هيءَ ڌرتي سهڻي سائي آ،





هيءَ جهونجهار جاڳائي آ،
هيءَ ڌرتي منهنجي چادر آ،
هن ڌرتيءَ کي مان ڪيئن ڇڏيان؟
هن ڪان تہ ٻڏي مان چو نہ مران.

هيءَ ڌرتي آهہ پتائيءَ جي،
هيءَ ڌرتي ساجن سوائي جي،
هيءَ ڌرتي درازن واري جي،
هي ڌرتي مست قلندر جي،
هن ڌرتيءَ تي تا رنگ رچن،
هن ڌرتيءَ تي تا ميڙ مچن،
هن ڌرتيءَ تي تا انب پچن،
هن ڌرتيءَ تي تا مور نچن،
هن ڌرتيءَ کي مان ڪيئن ڇڏيان؟
هن ڪان تہ ٻڏي مان چو نہ مران.

هن ڌرتيءَ تي تا ڪانگ لون،
هن ڌرتيءَ تي تا نيڻ ٺرن،
هن ڌرتيءَ تي تا جام جمن،
هيءَ ڌرتي ساري سوني آ،
شربت ڪان منو هت پاڻي آ.

هت سڀ سان مولا ساڻي آ،
هيءَ ڌرتيءَ آهي دودن جي،
هيءَ ڌرتي آهي جوڌن جي
هيءَ ڌرتي آ شهزورن جي،
هن ڌرتيءَ کي مان چڏيان؟
هن کان تہ ٻڏي مان چو نہ مران.

ماهوار "ڪوٽو موٽو"
شهداد ڪوٽ مارچ 2000ع







# ٻارن لاءِ

ٻارڙا ڌرتيءَ جا تارا ٿا لڳن،
اکين کي ڏاڍا پيارا ٿا لڳن ،
ٻارڙا معصومڙا البيلڙا،
نور جا نرمل نظارا ٿا لڳن،
ٻارڙا آهن گلن جا هارڙا،
موج من کي ڏيڻ وارا ٿا لڳن،
ٻارڙا مائن جا آهن آسرا،
ننڍپڻ ۾ ئي سهارا ٿا لڳن،
هونئن تہ آهن ظاهري هي پتڪڙا،
سورهين وانگر سگهارا ٿا لڳن،
جوڙا جوڙا ٿي پڙهڻ لئہ ٿا وڃن،
چڻ تہ سنڌوءَ جا ڪنارا ٿا لڳن،
غم جي ويجهو ڪونہ ٿا "بزمي" وڃن،
خوشين ۾ هي ڪلڻ هارا ٿا لڳن.

شل ٿين دودا ۽ دولهہ ديسن جا،
هاڻي ئي اهڙا اشارا ٿا لڳن.

(سلسليوار علم پبليڪيشن مرزاپور جون 2003ع

# چوڙيون



آءُ سهيلي ! چوڙيون پايون
چوڙين وارو هوڪا ٿو ڏي،
آءُ سهيلي! چوڙيون پايون.

سونهن وڌائن ٿيون هي چوڙيون،
رنگ رچائن ٿيون هي چوڙيون
چوڙيون پائي سونهن وڌايون،
آءُ سهيلي! چوڙيون پايون.

www.sindhsalamat.com



ڳاڙهيون نيليون ،پيليون چوڙيون،
آهن رنگ رنگيليون چوڙيون،
مون کي وڻنديون آهن سايون،
آءُ سهيلي! چوڙيون پايون.

خانل پاتيون جانل پاتيون،
ڪرمان پاتيون جادل پاتيون،
ٻيون ٻہ اڇن ٿيون ٻچنديون مايون،
آءُ سهيلي! چوڙيون پايون.

ٻانهن لڏڻ سان ڇم ڇم ڇمڪن،
ٽانڊاٽيون ٿي رات جو چمڪن،
چا لئہ پنهنجو ساهہ،سڪايون،
آءُ سهيلي! چوڙيون پايون.

گل ڦل مارچ 2003ع

www.sindhsalamat.com

# جواني شال ماڻين



گلن جو ٽوڪرو آهين،
تون ننڍڙو ڇوڪرو آهين.

ابي جي آس تون آهين،
امڙ جي باس تون آهين

ٿي جرڪئي جيءَ ۾ جوتي،
لڳين ٿو جڻ تہ ڪو موتي.





نہ تنهنجو وار ونگو ٿيندو،
خدا توکي پناهہ ڏيندو.

وڏو ٿي پهلوان ٿيندين،
تون سنڌ جو پاسبان ٿيندين.

ڪندين نيڪيءَ سان نانءُ پيدا،
ڪندين ٿڌڙو ڪو ٿانءُ پيدا.

وطن جو واهرو ٿيندين،
جواني شال ماڻيندين.

پڙهڻ اسڪول ڏي ويندين،
پڙهي افسر تون ٿي ويندين.

دعا "بزمي" جي توکي آ،
نہ لڳندءِ واءُ ڪوسي کا.

(گل ڦل اپريل مئي 1998ع)

# چيلي



چيلي منهنجي نچڻي ڪڏڻي،
سندر سندر سهڻي سهڻي.

لاڏ ڪوڏ مان ٿينگ ڏئي ٿي،
سرهائيءَ جو سبق ٿئي ٿي.

چيلي منهنجي برڙي آهي،
هر هڪ ٻار ٿوهن کي چاهي.

ٻي، ٻي آهي ٻولي هن جي،
ٻولي آهي لولي هن جي.

ساهه ۾ آهي سمائڻ جهڙي،
سيني سان آ لائڻ جهڙي.





سون ۾ تورڻ جهڙي چيلي،
اهڙي مون نه ڏٺي البيلي.

هن جو نالو آهي مومل،
ڪير پياري وير ڪندي شل.

نيٺ ته اڳتي ٻڪري ٿيندي،
رنگ برنگي ڦرڙا ڏيندي.

چيلي منهنجي راڻي آهي،
منهنجي چڻ ته کهاڻي آهي.

بابا مون لئه آندي آهي،
لک به ملن ته به ڏيٽي ناهي.

P

(گل ڦل سيپٽمبر/آڪٽوبر 1997ع)

# سوناهار



هيڏي اچ اي ننڍڙا ٻار،
توکي پايان سونا هار.

آس ابي جي تو ۾ آهي،
توکان وڌ ٻيو هن کي ڇاهي،
امڙ جي اکڙين جا تار.

ٻاجهارا تون ٻول تُو ٻولين،
خوشين جا تون در تُو کولين،
وچ اسڪول کري سينگار.





هونءَ تہ آهين ابهم ٻالڪ،
ڀڄڻ ٿيندين کهڙو آ شڪ،
پڏرا آهن اهڙا پار.

قسمت تنهنجي چمڪي پوندي،
نچندي ڪڏندي توڏي ورندي،
تنهنجي لهندي سڪ سان سار.

(گل ڦل جون/جولاءِ 1994ع)

# سهڻي ڳالهه

عينَ، لامَ، ميمَ سان دل لڳايو ٻارو،
قافَ، لام، ميم، کي پيا وهايو ٻارو.

پي، يي، الف، ري پاڻ ۾ گڏجي ڪريو،
نون، في، ري، تي کي جلايو ٻارو.

جيم، هي ، لام کي ٻاهه ڏيئي ساڙيو،
ميم، الف، نون ڏئي مان پايو ٻارو.

ميم، الف ۽ سين جي واه واه،
خي، دال، الف کي ويهي ڳايو ٻارو.

هي، ميم، دل، ري ، دال يي چڱي آهي،
عين، ري، واءُ ري کي مٿايو ٻارو.

ڪاف، واؤ، ڙي، ڪنو لفظ آهي ٻارو،
نون، يي، ڪاف، يي کي ڪمايو ٻارو.

چي، واءُ، ري، يي جي چڱي عادت نہ آ،
پاڻ کي هن ڏوهہ کان پيا بچايو ٻارو.





الف، دال، بي، هجي، بي ادب کي ڇا ڪبو،
ميم، حي، بي، تي کي وڌايو ٻارو.

الف سين، تي ، الف، دال جي عزت ڪريو،
ڪاف تي ، الف بي پڙهي پرايو ٻارو.

”بي، زي، ميم، يي“ ڳالهہ ٿو سهڻي ڪري،
ڳالهہ اهڙيءَ کي سدا پيا هندايو ٻارو.

P

(گل ڦل نومبر 1991ع)

# علم جا ڏيئا جلايو ٻارڙو



عــلــم جــا ڏيــئــا جــلايــو ٻــارڙو،
دل جـو گـهـر سـهـڻـو سـجـايـو ٻـارڙو.

عــلــم آهــي اک ٽــيــن انــســان جــي،
عــلــم ســان مــلــي ٿــو مــان جــي،
عـلـم رحـمـت آهـي ڪـا رحـمـان جـي.

عــلــم جــي دولــت ڪــمــايــو ٻــارڙو،
عــلــم جــا ڏيــئــا جــلايــو ٻــارڙو.

عــلــم انــســان ڪــي عــزت ٿــو ڏئــي،
ديـن جـي دلـيـن ڪـي دولـت ٿـو ڏئـي،
تـن بـدن ڪـي ڏاڍي طـاقـت ٿـو ڏئـي.

عــلــم ســان ڪــو عشــق لايــو ٻــارڙو،
عــلــم جــا ڏيــئــا جــلايــو ٻــارڙو.





عــلــم ريءَ انــســان جــڻ حــيــوان آ،
عــلــم ســان دل ۾ ايــنــدو ايــمــان آ،
جــا حــديــثــن ۾ ڏســو فــرمــان آ.

جـهـل ڪـي مـورئـون مـٽـايـو ٻـارڙو،
عــلــم جــا ڏيــئــا جــلايــو ٻــارڙو.

عــلــم آهــي روشــنــائــي راهــه جــي،
عـلـم سـخـتـي ٿـو گـهـٽـائـي سـاهـه جـي،
عــلــم ســان ٿــي چــاڻ ٿــي الله جــي.

هـوش ڪـو پـنـهـنـجـو هـلايـو ٻـارڙو،
عــلــم جــا ڏيــئــا جــايــو ٻــارڙو.

عـلـم ڪـي حـاصـل ڪـرڻ هـڪ فـرض آ،
جــهــل بــچــڙو ۽ بــرو هــڪ مــرض آ،
ٻـاءُ ” بـزمـي“ جـو اوهـان ڪـي عـرض آ.

پـنـهـنـجـي قـسـمـت ڪـي بـنـايـو ٻـارڙو،
عــلــم جــا ڏيــئــا جــلايــو ٻــارڙو.

”گل ڦل سيپٽمبر 1991ع“

# ٻولي




سنڌي آهي سياڻي ٻولي،
مٺڙي هيءَ اباڻي ٻولي.

ماءُ ڏني آ جنهن ۾ لولي،
راڻين جي سا راڻي لولي.

ڳالهائڻ سان گل قل ٿا ڇڙڪن،
منهنجي گلڙن هاڻي ٻولي.

ڪيئن وساريندو ڪو اهڙو،
پنهنجي ساهه سيباڻي ٻولي.





جنهن کي گهوٽ پٽائيءَ پاليو،
سچل وٽ ساماڻي ٻولي.

دنيا جي گولي تي آهي،
شان پري شاهاڻي ٻولي.

چنڊ جيان چمڪي ٿي "بزمي"،
ڏيهن ۾ ڏاڏاڻي ٻولي.

"گل ڦل آگسٽ 1991ع"



# چڱو ٻار

لکڻ ۽ پڙهڻ سان وڏو شوق آهي،
تڏهن هر ڪو استاد مون کي تو چاهي،
مان اسڪول جو جڻ تہ سينگار آهيان،
چڱو ٻار آهيان.

امڙ ۽ ابي جو چئي وان آهيان،
انهن جو ڳائيندو مان احسان آهيان،
مان تن جي ڳچيءَ جو سونو هار آهيان،
چڱو ٻار آهيان.

اُٿي صبح جو ڳُڻ خدا جو تو ڳايان،
ڪڏي سينڌ، سرمو اکين ۾ تو پايان،
صفائيءَ ۾ سيني کان نروار آهيان،
چڱو ٻار آهيان.

مان ڪسرت جو ڪوڏيو مان جانئو مان جوڌو،
وڏو ٿي پو ٿيندس مان هوشو يا دودو،
مان "بزمي" وطن سان وفادار آهيان،
چڱو ٻار آهيان.
"گل قل جولاءِ 1991ع"





# ٻارڙن جي ڳالهہ



هڪ "دلاور" ٻيو "بهادر" ٽيون وري "مهراڻ خان"
هنن ٽن جي دوستيءَ ۾ ڪونہ هو ڪنهن کي بہ گمان.

پڙهندا گڏ هئا ، رهندا گڏ هئا، کلندا ڪڏندا گڏ هئا،
ياد ڪري پنهنجا سبق هي پوءِ اٿندا گڏ هئا.

سلڇڻا توڙي سدورا هي هئا معصوم ٻار،
هڪ ٻئي کان ڪونہ ٿيندا هئا گهڙي هڪڙي بہ ڌار.

ڪنن ٻارن وانگي گهٽين ۾ نہ هي رلندا هئا،
رات جو ٻيي شوق پنهنجي ۾ ويهي پڙهندا هئا.

ڪنهن چين ٻارو! اها تڪليف پيا چو ٿا ڪريو،
چو نہ پنهنجن پيئرن جي مدد ويهي ڪا ڪريو.

چوڪرن مان وڏيري ورندي ڏني همراهه ڪي،
چاچاسائين! ڇو وڃائين ٿو اسان جي چاهه ڪي.

ڪر دعا، ڪي علم جون جهوليون پريون عالم ٿيون،
ڪجهه پرائي قوم پنهنجيءَ ڪي ڪوئي آڌر ڏيون.

علم جي دولت نه جنهن ڪي سو وري ڪهڙو بشر،
ڇڻ وڃائي وينو پنهنجي زندگيءَ جو هر پهر.

پڙهڻ پرجهڻ جهڙي ڪانهي ڳالهه ٻي سوچي ته ڏس،
علم سان ئي روشنائي جڳ ۾ ٿي سوچي ته ڏس.

ٻارڙن جي ڳالهه چاچي ربنواز سوچي وٺي،
پنهنجي ٻارن جي ٻه ٽولي هن اُتي ڪوٺي وٺي.

اڄ ڪانپوءِ هي ٻارڙا منهنجا ٻه گڏجو پاڻ سان،
مان ته غافل هوس ههڙي روشني جي راهه کان.

پوءِ ويا سڀ اسڪول ڏي سڀ مرڪندا هي ٻارڙا،
آسمان جا تارڙا ۽ گلن جا ڇڻ هارڙا.





# ڳالهه ٻڌايان



آءُ ته ٻالڪ! ڳالهه ٻڌايان توکي،
پنهنجي ديس جي،
ديس اسان جو سنڌڙي آهي،
جنهن ۾ وهندو سنڌو آهي.
لهرون لهرون ڇوليون ڇوليون
ڇيهن ۽ طوطن جون ٻوليون
ڪانون ۽ ڪبرين جون ٽوليون

ساوا ساوا گلشن گلشن
ڏرتي سوني، روپو پاٽي
ان جا داڻا ماڻڪ موتي
مٺڙا ماڻهو مٺڙيون ڳالهيون
سهڻيون اکڙيون پير پدمڙا
ڳل ۾ ڳاڙها پٽ جا ڳانا،
اجرڪ ٽوپي ، لوڏ لڪاٽي
جاڏي تاڏي خير خبرون
شاهه سچل ۽ مست قلندر
ناد وڄن ٿا نينهن نچي ٿو
پانديئڙا ٿا پند پچائن
جوڌا جنگ جوان سگهارا
ڳاڙها ڳيرو جذبن وارا
ٻار ٻہ گلڙن ڦلڙن جهڙا
سيني سڀ لائڻ جهڙا
ڇا ڇا منهنجي سنڌ ۾ ناهي،
سڀ ڪجهه آهي،
آءُ تہ ٻالڪ ڳالهہ ٻڌايان توکي
پنهنجي ديس جي.



”گل ڦل جون 1991ع“





# پيچ پرولي



(۱) هڪڙي ناهيان
لشڪر آهي.
لشڪر جي لئہ هڪ گهر آهي.
ظاهر ۾ ننڍڙي آهيان
مصريءَ جي جڻ ڳنڍڙي آهيان
منهنجي محنت ڳائڻ جهڙي
منهنجي ملڪيت کائڻ جهڙي
هر ڪو کائي
هر ڪو ڳائي.
مان ڇا آهيان ڪير ٻڌائي؟

(ماکيءَ جي مک)

(2) هر گهر ۾ هوندو آهيان،
صاف صفائي ڳڻ آ منهنجو
منهنجي خدمت گهر ۾ پهڪائي،
۽ ڌرتيءَ کي تي چمڪائي
مان نہ هجان ها
گند هجي ها
ماڻهوءَ جو ڇا مان هجي ها
تڏهن تہ مون کي ويديو بنائي
مان ڇا اهيان ڪير ٻڌائي ؟

(ٻهارو)

(3) منهنجي ياري مان وڌائي،
مان وڌائي شان وڌائي،
غم ۾ ساٿي مان ئي آهيان
ڪنهن کي مان دک ڏيندو ناهيان
منهنجا دشمن
جاهل جاهل
جاهل جاهل
جاٽي تاٽي هوندو آهيان،
ماڻهن جو مان رتبو آهيان
چشمن تي تو
هر ڪو چائي
مان ڇا آهيان ڪير ٻڌائي؟

(ڪتاب)





(4) غافل کي هوشيار ڪريان ٿو،
سڀ سان وينو ڳالهيان ٿو
ماڻهن کي احساس ڏيان ٿو
عمر جو ڪاپو
مون وٽ آهي.
وقت جو ماپو مون وٽ آهي،
سڀ جو خدمت گار مان آهيان
گهر جو جڻ سينگار مان آهيان
پيٽ سان رکيو آهيان لائي
مان ڇا آهيان ڪير ٻڌائي ؟

(گهڙيال)



# سدا جيئي



پنهنجي ڌرتي، پنهنجو شان،
جيئي منهنجو پاڪستان،
سدا جيئي پاڪستان.

پاڪ وطن آ جنت جهڙو،
ڏيهہ نہ هوندو ڪوئي اهڙو،
منهنجو آهي هي اعلان،
سدا جيئي پاڪستان

ڪوٽ نہ ڪائڻ پيئڻ جي آ،
جهوري سڀ ڪي جيئڻ جي آ،
مانُ لهي ٿو هت مهمان،
سدا جيئي پاڪستان.





سائي سهڻي ڌرتي منهنجي،
پرور ڪي آ پرتي منهنجي،
ڳايان وينو ٿو احسان،
سدا جيئي پاڪستان.

چاليهہ سال حياتي ماڻي،
پنهنجن پيرن تي آ هاڻي،
پورو ٿي ويو هر ارمان،
سدا جيئي پاڪستان.

هر دل ۾ هت پيار پلي ٿو،
چاهت جو واپار هلي ٿو،
ڪنهن کي ناهي ڪو نقصان،
سدا جيئي پاڪستان.

چئن گلن جو گل دستو آ،
سهڻو سائو سر بستو آ
”بزميءَ“ جو آ من مستان،
سدا جيئي پاڪستان.

# چاچي پائيٽي جي ڳالهه ٻولهه



اسين آهيون ٻالڪ
ته ڇا ٿي پيو
وڏا ٿي اسان کي
وڏا ڪم ڪنداسين.
مان پنهنجي تاريخ
چانديءَ جي ورقن تي
لعلن جواهرن جي لفظن سان
ناهي لکي
پوءِ پونين کي
تحفي ۾ ڏيئي ڇڏينداسين
چاچا دلاور!
اسين آهيون ٻالڪ





وڏا ٿي اسان دودا دولهه
ٿينداسين
سپاهي ٿي
وطن جا سپاهي ٿي
پنهنجي وطن جي حفاظت ڪنداسين
اسان پنهنجي ڌرتيءَ کي ڪيڏي
پوءِ خوشحال ٿينداسين
دولت ۽ عزت کي ميڙي
مالامال ٿي
رب جا احسان ڳائي
پيا مرڪنداسين
او چاچا دلاور!
رڳو تون دعا ڪر،
رڳو تون دعا ڪر.

(گل ڦل جون 1989ع)

# اعلان

اسلام جو هر جاءِ تي اعلان ڪنداسين،
هن راهه ۾ سر ساهه کي قربان ڪنداسين.

شهزور ۽ شهباز اسين اڳ ۾ آهيون،
آئي جو مٿان مهل ته ميدان ڪنداسين.

الله جي رحمت جو سهارو آ اسان کي،
دردن جو اسين پاڻ ئي درمان ڪنداسين.

هن ديس جي ڌرتيءَ سان محبت آ اسان کي،
مرنداسين مگر ان جو مٿي مان ڪنداسين.

عظمت آ محمد جي غلامن جي نرالي،
ڪافر کي سبق ڏيئي مسلمان ڪنداسين.

ناموس وطن لاءِ اسين ڇا نه ڪنداسين،
حرفت سان حريفن کي حيران ڪنداسين.

مشڪل يا مصيبت کان اسين ڪونه ڊڄون ٿا،
مشڪل کي اسين عزم سان آسان ڪنداسين.

محنت سان ملي ماڻ تو انسان کي "بزمي"،
همت سان اسين برکي بستان ڪنداسين.

(گل ڦل جنوري 1986ع)





# ٻرنگ



پيءُ ڪنهن کي ٿا چمن جهونجهار پٽ،
ڪنهن ويچاري جا وري بيڪار پٽ.

پنهنجي پنهنجي ڀاڳ جي هيءَ ڳالهه آ،
ڪي ٿين زردار پٽ ۽ ڪي ٿين نادار پٽ.

هڪڙا پٽ روشن رکن ٿا خاندان،
ڪي وري بڇڙا، برا، بدڪار پٽ.

پيءُ جون پنيون ڪپائي جي ڇڏن،
لعنتن جا سي تين حقدار پٽ.

جيڪي رستن تي رلي پنندا وتن،
شل نہ ڪنهن جا هجن پينار پٽ.

پٽ اُهي جي پيءُ جي فرمان ۾،
ڪهڙا پٽ جيڪي هجن مردار پٽ.

بدفضيلت، بي ادب ڪهڙا ٻچا،
شل چمن ڪي هار مٽيادر پٽ.

صاف دل ، صالح، سدورا شل چمن،
اهڙا شل جيئندا وتن سردار پٽ.

عاق ناما جي لکائن پيءُ کي،
تين پيا "بزمي" سي بدڪردار پٽ.

(گل ڦل اپريل 1986ع)





## ٻارن ۾ آساهہ



منهنجو ٻارن ۾ آ ساهہ پيل،
مان گيت انهن لئہ ڇو نہ لکان.

هي ٻارن گلن جا هار اٿئي،
اي دوست! اهي سينگار اٿئي،
هي ننڍڙا نہ پر جهونجهار اٿئي،
منهنجي ڪوڙيءَ جا هي وار اٿئي،
مان ڇو نہ انهن تان صدقي وڃان،
مان گيت انهن لئہ ڇو نہ لکان.

پنهنجي ملڪ جو مانُ وڌائيندا،
ويهي پاڻ ۾ قرب ڪمائيندا،
پنهنجي ٻيڙي ڪناري لڳائيندا،
پنهنجي چاهت کي چمڪائيندا،
اهڙي آس ڀلا مان ڇو نه رکان،
مان گيت انهن لئه ڇو نه لکان.

پنهنجي قوم جي خدمت ڇو نه ڪندا،
پنهنجي ظاهر عظمت ڇو نه ڪندا،
پنهنجي روشن قسمت ڇو نه ڪندا،
اهڙي حاصل رحمت ڇو نه ڪندا،
تن کي هر هر تو مان دعائون ڏيان،
مان گيت انهن لئه ڇو نه لکان.

پڙهي علم ڏياٽيون پاريندا،
پنهنجن ٻاٻن جي دل ٺاريندا،
بڻجي گهوٽ وطن ۾ گهاريندا،
پنهنجي سنڌڙيءَ کي پيا سنواريندا،
تن کي سورهيه ”بزمي“ ڇو نه چوان،
مان گيت انهن لئه ڇو نه لکان.

(گل ڦل جولاءِ 1995ع)





# ٻول



ٻِت ٻِت تنهنجا ٻول پيارڙا،
ٻِت ٻِت تنهنجا ٻول

البيلايون جڏهن ڪرين ٿو،
نيڻن ۾ ڇڻ نور ڀرين ٿو،
رڱ رڱ تنهنجيءَ ۾ ڪي آهن!
راڻا رنگ رتول،
ٻِت ٻِت تنهنجا ٻول

وڏ پرڙو تون ٽيندو ويندين،
ڪوڙ خوشيون تون ڏيندو ويندين،
او نرمل! او نانڪ نينگر!
عجب جهڙا انمول
پِت پِت تنهنجا پول.

”بزميءَ“ جي اکڙين جا تارا،
راڄ ڪندين شل راڄ دلارا،
ڪائيندين او پاريندين شل،
منڙا منڙا ٽول
پِت پِت تنهنجا پول.

”گل ڦل آڪٽوبر 1995ع“





# مالڪ



مون ۾ عيب اُپار، مالڪ!
پنهنجي مهر ڪندين شل.

در تنهنجي تي سوالي آهيان،
سائل جي لهه سار، مالڪ!
پنهنجي مهر ڪندين شل.

تو ريءَ آهي واءُ نه ڪائي،
خالق خلقڻهار مالڪ!
پنهنجي مهر ڪندين شل.

www.sindhsalamat.com

جھڙو تھڙو تنھنجو آھيان،
ڪر ڏڪيو ڏاتار! مالڪ!
پنھنجي مھر ڪندين شل.

شاعر تنھنجي شوق ۾ ويھي،
ٺاھي ٿو اشعار مالڪ!
پنھنجي مھر ڪندين شل.

”بزميءَ“ جھڙا ڪاڏي ويندا،
پرتا ٿي پينار مالڪ!
پنھنجي مھر ڪندين شل.

”گل ڦل نومبر 1995ع“





## اوسنڌڙي




روح کي راحت رسائين ٿي، او منھنجي سنڌڙي
پال پنھنجا تون پلائين ٿي، او منھنجي سنڌڙي

تنھنجي بستان مان طوطن جون تنوارون ٿيون اچن،
پاڻ کي ڪيڏو سجائين ٿي، او منھنجي سنڌڙي.

تون پراون کي بہ پنھنجو پيار ٿي ويٺي ڏئين،
ونڊ سڀ ڪنھن ۾ ورھائين ٿي، او منھنجي سنڌڙي.

www.sindhsalamat.com

تون جو نياڻي جا ڄڻين تي سا ٿئي تي مارئي،
ڄڻ تہ سونا تاج پاين ٿي، او منهنجي سنڌڙي.

ڳٽڪرون ڳيرن جون تو ۾، سهرا بلبل ٿي چوي،
رنگ ڪيئي تون رچائين ٿي، او منهنجي سنڌڙي.

ڏَن پري آ تنهنجي ڌرتي، ٻڪ اسان ناهي ڏني،
سڪ تون سانگين کي وڻائين ٿي، او منهنجي سنڌڙي.

ٿورڙيءَ ئي ڳالھ تي جيڪو وڃي توکان رُسي،
سڏ ڪري اُن کي ورائين ٿي،او منهنجي سنڌڙي.

هارين جي هونگرون ٻڌ ڪيئن ٿا "وايون" چون،
پوک جي لوري لڳائين ٿي، او منهنجي سنڌڙي.

مون ڏنو ڏک ڪونہ آهي،وقت تو ڪلندي لنگهي،
مونجھ "بزميءَ" جي مٽائين ٿي، او منهنجي سنڌڙي.

( گل ڦل فيبروري 1985ع)





# اوجيءُ سنڌي



مان پاڻ سنڌي
منهنجي ماءُ سنڌي
منهنجو پيءُ سنڌي
مان سنڌ ۾ ڄائو نپنو هان،
جا لولي منڙيءَ ماءُ ڏني
تنهن لوليءَ مون کي لعل ڪيو
خوشحال ڪيو
ان لوليءَ مون کي سنڌ ڏني
ان لوليءَ مون کي جند ڏني
منهنجو ساھ سنڌي
منهنجو چاھ سنڌي

مان سنڌ جوپاٽي پيئان ٿو
ۂ
جنت ۾ ڇڻ جيئان ٿو
منهنجو شان سنڌي
منهنجو مان سنڌي
منهنجو ٻول سنڌي
منهنجو ٽول سنڌي
دل هول سنڌي
ٻڌ ڍول سنڌي
منهنجي ٽور سنڌي
منهنجي اور سنڌي
منهنجو نانءُ سنڌي
مان پاڻ سنڌي
منهنجي ماءُ سنڌي
منهنجو پيءُ سنڌي
سڌ کر تہ چوان
او جيءُ سنڌي
او جيءُ سنڌي

(گل قل جون 1985ع)





# پکيئڙن جي پکنڪ



سنڌوءَ پر تي پکنڪ پکيئڙن ملهائي،
ڏسڻ ۾ هي محفل مزيدار آئي.

” ٻپيهن“ ٻهاري اڱڻ کي اجاريو،
” پپيهن“ تہ هر چيز کي پئي سنواريو،
” چتونئڙن“ پئي ” وائي“ پٽائيءَ جي ڳائي،
سنڌوءَ پر تي پکنڪ پکيئڙن ملهائي.

اڇا ” ڪانگ“ ۽ ”ڦاز“ لڏندي پئي آيا،
وطن جا ” وَهين“ ڏاڍا نعرا لڳايا،
وڏي موج ” تترن“ تنواري مچائي،
سنڌوءَ پر تي پڪنڪ پکيئڙن ملهائي.

مٺا لولا آيا ڪٽي ” ڪانگ“ ڪارا،
ڪٽي آيا انبن انگورن جا ڪارا،
ملائي پئي ” مرغن“ مزي سان ورهائي،
سنڌوءَ پر تي پڪنڪ پکيئڙن ملهائي.

جهمر پاتي ” جهرڪين“ ۽ ”ڳيرن“ پئي ڳايو،
پکو راڳ کو بلبلين پئي ٻڌايو،
ڪراڙي ” ڪبوتر“ پئي ڍولڪ وڄائي،
سنڌوءَ پر تي پڪنڪ پکيئڙن ملهائي.

پٽي ڇهنب ” چيهن“ تہ ڇهڪار ٿي ويا،
” ٻگهن“ ٻول ٻوليا تہ ڳٽڪار ٿي ويا،
” ڪٻر“ پاپ ميوزڪ تي ٻولي ٻڌائي،
سنڌوءَ پر تي پڪنڪ پکيئڙن ملهائي.

مڙي سيني ڦوٽو پوءِ ڪڍايو،
نظر ” مور“ سيني جي وچ ۾ ٿي آيو،
رکيل ان جي اڳيان هئي هڪ ٽپائي،
سنڌوءَ پر تي پڪنڪ پکيئڙن ملهائي.

www.sindhsalamat.com



ڪلي ڪائي هر ڪو پکي ويو اڏامي،
ڇئي هو جمالو ڏنائون سلامي،
محبت ۾ ”بزمي“ آ ڪيڏي مٺائي،
سنڌوءَ پرتي پڪنڪ پکيئڙن ملهائي.

(گل ڦل جولاءِ 1985ع)



www.sindhsalamat.com

# وطن جا ڏس



عجب جهڙا مٺا ماڻهو،
نہ اهڙا ڪنهن ڏٺا ماڻهو،
ڪدين پاڪر مان جيڪي مس،
اهي منهنجي وطن جا ڏَس.

ٿڌيون ڇائون نمن جا وڻ،
ڍنارن جا چرن ٿا ڌڻ،
ڇٿا چارا ، گسارا گس،
اهي منهنجي وطن جا ڏَس.

جتي هڻ هڻ ۾ هاڃارا،
جتي سورهيہ ۾ سوپارا،
جوانن کي ملن ٿا جس،
اهي منهنجي وطن جا ڏَس.





سنهري سنگ جت سٽجن،
بڪايل پيٽ جت پرجن،
ڪٿي آئي نہ ڪا هٿ ڪس،
اهي منهنجي وطن جا ڏَس.

جڏهن پويون اَسُرُ ٿيندو،
تہ هَر هَر هر ڪوئي جوڙيندو،
ڪڪڙ لائيندا پنهنجا دَس،
اهي منهنجي وطن جا ڏَس.

ترن مهراڻ ۾ ٻيڙيون،
مڙي ڪن سَير ساهيڙيون،
وٽن ڪا چاهہ واري چَسُ،
اهي منهنجي وطن جا ڏَس.

وٽي سرهاڻ ڪن ساريون،
اُتي دليون ميون ماريون،
جيئڻ جي لاءِ ڪن پو وَسَ،
اهي منهنجي وطن جا ڏَس.

پپيها وينا پي پي ڪن،
چتون چيها جتي چهڪن،
ڳچين ۾ پائي " بزمي" هَسَ،
اهي منهنجي وطن جا ڏَس.

( گل ڦل نومبر 1985ع)

# ٻار گلن جا هار

انهن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي.
منڙي منڙي ٻولي ٻولي،
ڇڏن خوشيءَ جا در تا کولي،
غم جا تن جي چهرن تي ڪي، ڪونه رهن آثار.
ٻار گلن جا هار

چڱ جي جوت وڌائن تا هي،
گهر کي بهشت بنائن تا هي،
تن کي چونه ڏسي کو پنهنجا دور ڪريون آزار،
ٻار گلن جا هار

ننڍڙا آهن وڏڙا ٿيندا،
بابن کي سک ڏاڍو ڏيندا،
ڪٽندا پنهنجن ڪلهن تي دنيا جا سارا بار،
ٻار گلن جا هار

من جا سچا صاف سدائين،
ننهن کان "بزمي" چوٽيءَ تائين،
ڪهڙي تن کي ڄاڻ ته ٿيندا آهن ڇا تڪرار،
ٻار گلن جا هار

(گل ڦل ڊسمبر 1985ع)





# اچواي ساٿيو



اچو اي ساٿيو!
ڳايون وطن جا ڳيچ سانوڻ ۾
گلن سرهاڻ ڦيرائي دليون سرهيون ڪيون آهن.
ٿري اکيون پيون آهن،
رنگيلا پر ڪدي پوپٽ گلن تي ڏين تا ڦيرا،
ته
ڀڪڙ تو لڳي
هي ديس مارن جو،
سنگهارن جو،
پنهوارن جو،
ڏنارن جو،
پٽن پوشاڪ پهري آ،
سائي سائي،

ڏسون ٿا ڏينهن سُرميلا
وسن ٿا وڏڦڙا هن پاڪ ڌرتيءَ تي،
ٿڌو ٿر ٿي پوي ٿو منهنجي مارن جو
هٽي ڇهبڪ ٿي بجلر بادلن کي جي تہ
روئن ٿا.

۽
ڪڙڪن ٿا
چمن ۾ ٿا چتون ڇهڪن
ڪري ٿي ”پيروين“ بلبل
قصيدا ٿي پڙهي ڪوئل
۽ چيھا ڇهنب ڪولي ٿا عجب ڪن لاتيون ”بزمي“
اچو اي ساٿيو
ڳايون وطن جا ڳيچ سانوڻ ۾

(گل ڦل اگست 1985ع)





# لولي



سمهي پؤ تون پٽڙا! تہ لولي ڏيانءِ،
جگر جا ٽڪر گهورجي مان وڃانءِ.

ڪلين ٿو تہ منهنجي ٿي قسمت کلي،
ابل! روشني ٿي اکين کي ملي،
نہ روئڻ مان راڻا! ڏسي ٿي سگهانءِ.

لڳي شل نہ توکي ڪا ڪوسي هوا،
هجي توتي رحمت جو سايو سدا،
چڱائيءَ جي ڪا پوک تون پوکجانءِ.

پنهل! تنهنجو پينگهو تي لوڏي ٺران،
ڍڪي تاج سر تي نڪرندين گهران،
پيل پٽ جي پوشاڪ شل مان ڏسان.

ابو ڏاڏو پنهنجو ملهائيندين شل،
نہ تون لوءِ پنهنجي لڄائيندين شل،
ڏياتيون ڪٽي راهہ روشن ڪجانءِ.

ڀلائي جو پاڙو ڏٺي تو ڏئي،
برائيءَ مان حاصل نٿو ڪجھ ٿئي،
ٿڌيءَ دل سان ويهي اهو سوچجانءِ.

خدا ڏينهن توکي وڏا شل ڏئي،
هزارين ورهيہ عمر تنهنجي ٿئي،
وطن جو تون ”بزمي“ محافظ ٿجانءِ.





# سنڌي ٻولي




سنڌي ٻولي زنده باد
سنڌي ماڻهو زنده باد

سنڌي ٻولي دل جي اور، سنڌي ماڻهو منڙا مور،
سنڌي ٻولي سنڌو ڌارا، سنڌي ماڻهو نالي وارا،
سنڌي ٻولي مينگهہ ملهار، سنڌي ماڻهو باغ ملهار،
سنڌي ٻولي لوئيءَ لاک، سنڌي ماڻهو سچ جي ساک،
سنڌي ٻولي ٿڌڙو ٿانءُ، سنڌي ماڻهوءَ منڙو نانءُ،
سنڌي ٻولي هوشوءَ هوڏ، سنڌي ماڻهو لک جي لوڏ،
سنڌي ٻولي وايون بيت، سنڌي ماڻهو ساوا کيت،
سنڌي ٻولي چوڏهينءَ چنڊ، سنڌي ماڻهو کير ۽ کنڊ،
سنڌي ٻولي جيجل ماءُ، سنڌي ماڻو سيڪو ڀاءُ،
سنڌي ٻولي جڳ جي سونهن، سنڌي ماڻهو جڳ جي سونهن،
سنڌي ٻولي منڙي لات، سنڌي ماڻهو ڏات ئي ڏات،
سنڌي ٻولڪي ٻڙ جي ڇانءَ، سنڌي ماڻهو سياڻا ڪانءَ،
سنڌي ٻولي ڳڻ ۽ ڳوت، سنڌي ماڻهو ”بزمي“ هوت.

سنڌي ٻولي زنده باد
سنڌي ماڻهو زنده باد

# سنڌڙي



تنهنجي سينڌ سجايان سنڌري،
سهرا تنهنجا ڳايان سنڌڙي.

ڳالهيون تنهنجون ڳائڻ جهڙيون،
هَارن وانگر پائڻ جهڙيون،
ٻين کي چو نہ ٻڌايان سنڌڙي.

خوبين کان تون ناهين خالي،
تنهنجي آهي سونهن نرالي،
ڳل سان توکي لايان سنڌڙي.





اجرو اجرو تنهنجو پاڻي،
تو ۾ مرکي سنڌو راڻي،
هر سک ٿو مان پانيان سنڌڙي.

جيجل توتان ساهه ڇڏيندس،
تنهنجي خاطر صدقي ٿيندس،
سر چو پيارو پانيان سنڌڙي.

سنڌڙي تنهنجيون پوکون سايون،
چو نہ آلاپيان شاهه جون وايون،
چيريون ٿو چمڪايان سنڌڙي.

باغن مان سرهاڻ اچي ٿي،
بلبل گلڙن لاءِ نچي ٿي،
ان کي چو ڦاسايان سنڌڙي.

”بزمي“ آهي تنهنجو پياري،
سون جيان آ تنهنجي واري،
ساهه هتي سرجايان سنڌڙي.

”گل قل آڪٽوبر 1982ع“

# منهنجي پياري امڙ




منهنجي منڙي امڙ، منهنجي پياري امڙ،
آهين سون سچو تون ساري امڙ!

تنهنجي پاڇن هيٺان پلجان ٿو،
تنهنجو پالڪڙو مان سڏجان ٿو،
تنهنجي ٻولي آهي ٻاجهاري امڙ.
منهنجي پياري امڙ.





منهجي لاءِ سهين ٿي سور سوين،
تہ بہ مون ڏي ڏسي ٿي مرڪي پوين،
ڪائي تو نہ ڪئي بيزاري امڙ.
منهنجي پياري امڙ.

مون کي لوليون ڏئي آرام ڏنئہ،
مون کي پيار پريا پيغام ڏنئہ،
پنهنجو فيض ڪيو تو جاري امڙ،
منهنجي پياري امڙ.

مون کي جيئڻ جي تو جوت ڏني،
منهنجو تحفو وتو تو رب ڪان پني،
منهنجي سگهڙ سچي سوياري امڙ،
منهنجي پياري امڙ.

(گل قل اپريل 1978ع)

# سچ کي سلام



سچ کي سلام آهي،
سچ کي سلام آهي.

سچ جوت آ جهان جي، سچ سونهن آ زبان جي،
سچ آ يقين محڪم، سچ ساک آسمان جي،
سچ ٻيءَ طرف زمين جو ماه تمام آهي
سچ کي سلام آهي.

سچ اعتماد آهي، سچ هڪ جهاد آهي،
سچ ۾ آ هر فضيلت، سچ زنده باد آهي،
روز ازل کان سچ جو ٿيو احترام آهي،
سچ کي سلام آهي.





سچ آ خدا جي نعمت، انسان تي آ رحمت،
ڪنهن کي نصيب ٿي شل آ پنهنجي پنهنجي قسمت،
ڪوڙي جي زندگي تي ويندي حرام آهي،
سچ کي سلام آهي.

سچ واٽ ٿو وٺائي، منزل تي ٿو رسائي،
سچ آ شفاف شيشو منهن ڪونه ٿو لڪائي،
سچ کي خدا جو ”بزمي“ پيارو ڪلام آهي،
سچ کي سلام آهي.

(گل ڦل جون 1986ع)

# يتيم ٻار



ظلم جو زور هو،
رات ڪاري هئي،
رب جي نانءَ تي ڀروسو ڪونه هو.
ماڻهو ماڻهو نه هو.
ڄڻ ته حيوان هو
پنهنجي انگن ڍڪڻ جو نه دستور هو.
ڪو حيا ڪونه هو
ڪا حليمت ڪونه هئي.
شرم جو ڏس پتو ڪو ڪٿي ڪونه هو.
بي حيائي هئي
هر طرف بس! برائي هئي





ڪا به مادر نه مادر هئي
سر مٿان ڪانه ڪنهن کي به چادر هئي
پيٽ جي ڀاءُ کي ڪونه احساس هو
جانور جانور جهنگ ۾ پئي رهيا
ڪانه بستي هئي
شهر ڪوئي نه هو
لاٽ انسان نيت جي روشن نه هئي
سوچ جو سلسلو ڪنهن مغز ۾ ڪونه هو.
لفظ ڪنهن کي اچارڻ به آيا نه ٿي.
خالي چيخون هيون،
خالي دانهون هيون،
باقي سمجهڻ سڻڻ جي نه ڪا ڳالهه هئي

نيت چوڏهن صديون ڪن اڳي،
گل ڦٽو خوبصورت ڪو صحرا
جي ميدان ۾
نور ڦاٽي اٿيو
۽ سموري جهان ۾ ڦهلجي ويو،
جلوا جاڳي پيا
جذبا جاڳي پيا
ماڻهو ”ماڻهو“ ٿيو،
انگ ڍڪجڻ لڳا
ماءُ تي ”ماءُ“ وئي
مسجدن کر ڪنيا

پنج پيرا نمازن جو دستور ٿيو
ٽيھ روزا مليا.
سنتن جي وسيلي دليون ڌوپجي
نيلوفر گل جيان توانيون پيون
نعرو منبر تان الله اڪبر لڳو،
حمد ڳائڻ لڳيون بلبليون ڪوئلون،
بي زبانن کي ويئي زبان جڻ ملي
ڪنڌ ڦيرائي انسانيت ھي ڏٺو،
رنگ و بو جھان
ڪير ھو؟
جنھن ڏنا سچ جا ڪي سبق
ڪنھن جي آئي ٿيا چوڏھن ئي روشن طبق.
ھي يتيم ٻار ھو
نانءُ جنھن جو محمد صلي الله عليہ وسلم ٿا ٻڌندا اچون.
اڄ بہ ساڳي سخا
اڄ بہ ساڳيو اثر
جيستائين آ قائم "بزمي" جھان
تيستائين اھو نانءُ دلين جي ھوندو شفا

(گل ڦل جنوري 1981ع)

www.sindhsalamat.com



# ٽو آءُ ڏسان



ٻھ ٻھ ڪنديون ٻڪريون ڏسان،
پوٺا ڏسان ٽڪريون ڏسان،
مان نت ڏسان نسبيون ڏسان،
جھومڪ ڏسان جھانجھر ڏسان،

www.sindhsalamat.com

يا بولو کو بئنر ڏسان
مان هر ڏسان هاري ڏسان،
چا چا مان چؤڏاري ڏسان،
واڙا ڏسان واڙيون ڏسان،
يا محل ۽ ماڙيون ڏسان،
مانڊاٽين جا مک ڏسان،
ڏاڏي ابي جا کک ڏسان،
مان وڻ ڏسان پاڇا ڏسان،
ٻن اکين سان ڇا ڇا ڏسان؟
سنڌو ڏسان لهرون ڏسان،
وهنديون ڪتي بادل ڏسان،
ٻوندون ڏسان لهرون ڏسان،
ڪبريون ڏسان ڪانگل ڏسان،
دادو ڏسان هالا ڏسان،
يا ”سکر“ جا ڇالا ڏسان،
اجرڪ ڏسان لنگيون ڏسان،
جهانگين جون يا جهڳيون ڏسان،
اي سنڌڙي مان ڇا ڇا ڏسان؟

”گل ڦل مئي 1982ع“





# آزادي

آزاديءَ جي ڳالهه ڪجي ڇا، آ پيٽ جوڳ ميلو،
آزادي آ روح جي راڻي، آزادي آ مست قلندر،
آزادي آ ساهه سيباڻي، آزادي آ ڇير جو ڇمڪو،
آزادي آ عيد جو اعلان، آزادي آ لئه بينن جي،
آزادي آ درد جو درمان، آزادي آ عشق جي منزل،
آزادي جون راهون سهٽيون، آزاديءَ جو مٺڙو نالو،
آزاديءَ جا رستا سهٽا، مصريءَ جهڙو ماکيءَ جهڙو،
آزاديءَ جا ماڳ پيارا، آزادي آ سوني پتلي،
آزادي جا راڳ رسيلا، آزادي آ پٽ جي گڏڙي،
آزادي آ رب جو تحفو، آزادي آ صبح جو ليئو،
آزادي آ اُجري قسمت، آزادي آ هاريءَ هونگر،
آزادي آ پَٽَ جڳ ڳانو، آزادي آ نور نسورو،
آزادي آ ڏاتو ڪوڏر، آزاديءَ جي ڳالهه ڇا ڪجي!
آزادي آ مکڻ سان ماني، آزادي آ سنڌوءَ ڇولي،
آزاديءَ جي ڳالهه ڪجي ڇا؟ آزادي آ مٺڙي لولي،

”گل ڦل اگسٽ 1983ع“
سنگتي شڪارپور

www.sindhsalamat.com

# ڪلنداوتوڪڏنداوتو



گلن جهڙا ٻارڙو! ڪلندا وتو ڪڏندا وتو،
شاهه زاد ٻڻجي پنهنجي شان سان گهمندا وتو،
ڪڏندا وتو.

سوچ ۾ سچ جا پري پنڊار دلين ۾ رکو،
ادب ۾ اخلاق جا انوار دلين م رکو،
علم جي لاهن تي ادڙو! لڙڪندا وتو،
ڪڏندا وتو.

ملڪ ۾ ملت اوهان جي لاءِ آهن منتظر،
آس پالي ٿي اوهان جي لاءِ هر ڪائي نظر،
نيڪين جي راهه تي پڄندا وتو ڊڪندا وتو،
ڪڏندا وتو.





شينهن جي هڪ ڏينهن جي پي زندگي آ بهترين
ٻيءَ طرح ڪهڙو گذارو گدڙ جو بر زمين،
نونهالو! هونهارو! اوچ لئہ اٿندا وتو،
ڪڏندا وتو.

قوم جي ميراث جا اي وارثو، اي مالڪو،
ٻات ۾ ڪا لاٽ ٻاري پوءِ ٻهڪو ٻالڪو،
هڪ ٻئي منزلن جي رهگذر پڇندا وتو.
ڪڏندا وتو.

پٽ تي پئجي پئجي آخر ڪهڙو لائبو،
جانفشانيءَ سان ئي مقصد دل جو ٻارو! پائبو،
چنڊ ڪي، تارن ڪي پنهنجي هٿن سان ڇهندا وتو
ڪڏندا وتو.

سرحدون هن پاڪ ڌرتيءَ جون اوهان ڏي ٿيون تڪن
ڳل ڏسي ڳاڙها اوهان جا پوءِ ٿيون مرڪي پون
پنهنجي جذبن ڪي وڌائي، سون ۾ ترندا وتو
ڪڏندا وتو

مائرن جي، امڙين جي مدعا آهيو اوهين،
پينرن جي آرزو جي انتها آهيو اوهين
ٽر جي ٽڏڙي هير وانگر تن مٿان گهلندا وتو،
ڪڏندا وتو

ويـر ۽ ويـچـا وسـاري پـاڻ ۾ گـڏجـي وجـو،
سينا سينن سان ملائي ڀهڳٽو! ڀڪجي وجو،
ٽُٽَل دلين کي سڪ سان سورهيو! سبندا هلو،
ڪـــڏنـــدا وتـــو.

ساهہ جي سوغات آهي هي سدوري سنڌڙي،
نـنـيڙا اي دوسـتـو! هـيءَ سـنـڌڙي آ جـنـدڙي،
شل جيئي جيئندي رهي ههڙي دعا گهرندا وتو،
ڪـــڏنـــدا وتـــو.

شـل هـجـو آبـاد ٻـارو! شـل هـجـو بـاغ و بـهـار،
ٻـي دعـا ڪـهـڙي ڏئـي آخـر ڀـلا " بـزمـي نـثـار"،
ٻـارڙو انسـانـيـت جـي پـوئـتـا پـجـنـدا وتـو،
ڪـــڏنـــدا وتـــو.

(گل ڦل اگست 1976ع)





# سنڌي زبان اسان جي

مـاڪـيءَ ڪـان وڌ مـٺـي آ، سـنـڌي زبـان اسـان جـي،
پـاڳـن ڀـري پـلـي آ، سـنـڌي زبـان سـان جـي.

وسـري ويـون نـہ آهـن، جـيـجـل امڙ جـون لـولـيـون،
جنهن ٻاجهہ مان ڪيون ٿي، پنهنجي ٻچي سان ٻوليون،
مـادر ڪـان هـيءَ مـلـي آ. سـنـڌي زبـان سـان جـي.

سـنـڌي زبـان اسـان جـي، سـهـڻـي سـيـاڳـي آهـي،
ويـتـر چـڏيـو پـٽـائـيءَ، هـن ڪـي وڌيـڪ ٺـاهـي،
اڳ ڪـان بـہ اڳ پـري آ. سـنـڌي زبـان اسـان جـي.

چـلـڙو ۽ هـو جـمـالـو ، ڪـافـيـون ۽ بـيـت وايـون،
بـيـشـڪ اسـان تـي آهـن، اهـڙيـون لـڪـيـن پـلايـون ،
ڪـنـهـن پـيـار سـان پـلـي آ، سـنـڌي زبـان اسـان جـي.

ڏس فـوج ٻـاونـجـاهـي، آهـي وڏو اٿـالـو،
آهـي زبـان هـن جـو، بـس شـان ئـي نـرالـو،
ويـچـار سـان بـڻـي آ، سـنـڌي زبـان اسـان جـي.

آبـاد رک خـدايـا! سـنـڌي زبـان وارا
سـائـين اسـان کـي گـهـرجـن، تـنـهـنـجـا سـدا سـهـارا،
"بـزمـيءَ" جـي بـنـدگـي، سـنـڌي زبـان اسـان جـي.

"گل ڦل ڊسمبر 1977ع"

# بهار آيو



چمن ۾ ٿا چَٽون چهڪن، بهار آيو، بهار آيو،
لڙي ٿا لام تي لڙڪن، بهار آيو بهار آيو.

پٽن پوشاڪ پاتي آ، ڪٽي پنهنجي مٿان سائي،
وهي اڄ واهه ٿا وهسن، بهار آيو، بهار آيو.

سڪيا سپ ٿي ويا سانگي، هليا ويا ڏول ڏولاوا،
ڏکيا سي ڪين ٿا ڏسجن، بهار آيو، بهار آيو.





ٽڏيون ٽر جون هوائون ”پيريُن“ مان گيت ٿيون ڳائن،
گهلڻ ڪان ڪين ٿيون گهٽجن، بهار آيو، بهار آيو.

چنبيلي موتيو نرگس گلابي گل ٽڙيا آهن،
اکين تن ۾ وجي اٽڪن، بهار آيو، بهار آيو.

پپيهو ٻول ٿو ٻولي، ڪري ٿي ڪوئل ڪُوڪُوڪُو،
پؤنر ڏس ڏار ٿا پٽڪن، بهار آيو، بهار آيو.

سنباهي هر هليا هاري، خوشيءَ مان پنهنجن ڪيتن تي،
سنهري سنگ ٿا سٽجن، بهار آيو، بهار آيو.

ترايون تار ٿيون آهن نہ ”بزمي“ غم رهيو آهي،
مهاٽا مير ٿا مرڪن، بهار آيو، بهار آيو.

”درسي ڪتاب سال 2002ع“